ڊاڪٽر مخمور بخاري
اسسٽنٽ پروفيسر
سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي

# سنڌي ٻاراڻي شاعري ۽ مرزا قليچ بيگ (ورهاڱي کان اڳ)

# CHILD'S SINDHI POETRY & MIRZA KALICH BEG (BEFORE PARTITION)

**Abstract:**

During the British period, a lot of work for Sindhi Literature had been done. A good number of writers and poets of that time contributed to prospering Child Literature. In this respect, we observe that prose as well as poetry, both were equally accomplished. Taking the perspective view of the Poetry before partition, we have studied the poetry of Mirza Kalich Beg, in comparison to his contemporary poets, was not too far from them. He equally predominated. His poems for children seem to mean for the grooming and guidance of the child. Meanwhile, making an elegant use of electrifying language and applying various figurative forms and formats. Mirza Sahib those days enriched and flourished poetry for children in Sindhi which reflected art and reflection.

سنڌ تي انگريزن جو قبضو جيتوڻيڪ ڪيترن ئي حوالي سان هاڃيڪار ثابت ٿيو خاص طور سنڌي عوام کي غلام بڻائي انهن جي وسيلن تي قبضو ڪري نفسياتي طور انهن کي مفلوج بڻايو ويو پر سنڌ جو عوام جتي اهنسا جي فلسفي جو حامي ۽ پرچارڪ هو ۽ آهي اتي انهن انگريزن جي متعارف ڪرايل تعليمي نظام ۾ ادب جي مختلف صنفن کي استعمال هيٺ آڻي سنڌ جي عوام ۾ سجاڳي جو شعور پيدا ڪيو، ان نتيجي ۾ 1885ع ۾ سنڌ جي ڏاهي، سڄاڻ، قانون جي ماهر ۽ سنڌ دوست حسن علي آفندي سنڌ ۾ جديد تعليم جي حاصلات لاءِ 'سنڌ مدرسة الاسلام' جو بنياد ڪراچي ۾ رکيو، جنهن سان سڄي سنڌ ۾ جديد مغربي تعليم جي عام ٿيڻ سان سنڌ ۾ شعور، ساڃاهه ۽ جاڳرتا جو هڪ سگهارو سلسلو جاري ٿيو ۽ نتيجي ۾ اسان کي ڪافي مثبت ۽ سگهارا نتيجا حاصل ٿيا، ٻئي طرف سنڌ جي پڙهيل ڳڙهيل عالمن ۽ دانشورن سنڌ جي بقا، وحدت ۽ مستقبل کي محفوظ بڻائڻ لاءِ علم ادب جو سهارو ورتو ۽ انهن منظم نموني سان هن ڏس ۾ لائق خدمتون بجا آڻيندي، سنڌي ادب

۾ انگريزي زبان جون مختلف صنفون جهڙوڪ: ناول، افسانو، ناٽڪ، مضمون وغيره ڪي داخل ڪيو، تہ ساڳيءَ وقت سنڌي شاعري ۾ مروج گهاڙيتن جي مزاج ۾ پڻ آهستہ آهستہ تبديليون رونما ٿيڻ شروع ٿيون. هن سموري دور يعني ورهاڱي کان اڳ 1843ع کان 1947ع تائين جن علم جي اڪابرن سنڌي ادب کي مختلف حوالن سان مالا مال ڪيو انهن ۾ ديوان ڪيولرام، ڪاڪو ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي، مرزا قليچ بيگ، ميران محمد شاهہ (اول)، منوهر داس ڪوڙو مل، ڪشنچند بيوس، ديوان ننديرام، ديوان اڌارام، آخوند عبدالرحيم، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، مير عبدالحسين سانگي، مخدوم صالح پٽي، قاضي غلام علي، مرزا علي قلي بيگ، آغا غلام نبي صوفي، خانبهادر محمد صديق ميمڻ، محمد صديق 'مسافر' ۽ ٻيا شامل آهن.

اسان مٿي جن عالمن، اديبن جو ذڪر ڪيو آهي، اهي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي بابت دور رس نگاهہ رکندڙ هئا ۽ ان سوچ جي نتيجي ۾ هنن مان ڪيترن ئي سنڌي ٻاراڻي ادب لاءِ منظم ڪم ڪيو، ڇاڪاڻ تہ هنن صاحبن ڄاتو ٿي تہ ٻار سماج جو بنيادي ايڪو آهي ۽ سياڻ جون سموريون ذميواريون انهن جي مٿان ئي آهن، تنهن ڪري انهن جي درست ذهني نشونما تي ئي سنڌ جو بهتر آئيندو مدار رکي ٿو. هاڻ ٻار جي درست ذهني نشو نما منظم طرح ٻن طريقن سان ممڪن آهي: هڪ انتها پسندي ۽ مذهبي مت ڀيد کان پاڪ تعليمي نظام ذريعي ۽ ٻيو صحتمند ٻاراڻي ادب جي رستي ۽ هي ٻئي طريقا اسان جي ان دور جي عالمن اختيار ڪيا. ٻاراڻي ادب لاءِ خاص طور مرزا قليچ بيگ ڪم ڪيو، ان صاحب لڳ ڀڳ ٻارن جي لاءِ سترهن ڪن نثر ۽ هڪ نظم جو ڪتاب لکيو. مرزا صاحب جي انهن ارڙهن ڪتابن جو اڀياس هڪ الڳ مقالي 'ٻاراڻي ادب لاءِ مرزا قليچ بيگ جون خدمتون' ۾ ڪيو ويو آهي، ساڳي وقت مرزا صاحب جي اڳ ڇپيل ٻارن لاءِ شاعري واري ڪتاب ۽ ان کان سواءِ سندن ڪجهہ ٻئي ٻارن لاءِ شاعري کي ترتيب ڏئي ڪتاب 'علم جي دولت' جي نالي سان پيش ڪري چڪو آهيان. هنن صفحن ۾ مرزا قليچ بيگ ۽ سندس دور جي ڪجهہ ٻين اهم شاعرن جي ٻارن لاءِ ڪيل شاعري بابت مطالعو ڪبو. پر ان کان پهرين هت ٻاراڻي ادب جي ڪجهہ ڪتابن جا نالا ڳڻائجن ٿا تہ جيئن ان دور ۾ سنڌي ٻاراڻي ادب جي اهميت ۽ افاديت جو اندازو ٿي سگهي.

اهڙن ڪتابن ۾: سنڌي ڳجهارتون، ڦول مالا، ٿهڪ ئي ٿهڪ، ڦلواري، گل گاڏي، ٻار سري ڪرشن، پرستان، ديوستان، سوني مڇي، انصاف جون آکاڻيون، چرچن جي چهر، اخلاقي آکاڻيون، ٻال چندرما، موجي آکاڻيون، عجيب عينڪ، اخلاقي دنيا، چندچڪور، سهراب ۽ رستم، فوٽوگرافر رڇ، ٻاراڻيون ڳالهيون، سرلا ۽ ست ڄامڙا، مڪڻ جو گڏو، موجي گيت، نوبهار، گل نوبهار، عجيب طلسم ۽ ٻيا

ڪيترائي ڪتاب هن دور ۾ شايع ٿيا. (1)

شاعري، ادب جي اها صنف آهي جيڪا پڙهندڙ/ ٻڌندڙ تي جلد اثر انداز ٿئي ٿي، تنهن ڪري جيترو بهتر نموني سان ٻار کي شاعري ذريعي نہ رڳو ڪجهہ سمجهائي سگهجي ٿو، پر ان کي ڏکين مسئلن بابت نثر پڙهڻ ڏانهن بہ راغب ڪري سگهجي ٿو. تنهن ڪري هنن صفحن ۾ اسان فقط مرزا قليچ بيگ ۽ ان جي ڪجهہ همعصر شاعرن جي ٻاراڻي شاعري بابت مطالعو ڪري رهيا آهيون.

مرزا قليچ بيگ سنڌي نثر جو اَبو سڏجي ٿو ڇاڪاڻ جو هن سچاڻ شخص مڪمل نموني سنڌي نثر کي مالامال ڪرڻ لاءَ ڪم ڪيو. هن جتي مختلف گهاڙيٽن ۾ جدا جدا موضوعن تي قلم کنيو اتي ٻارن جي اخلاقي تربيت ۾ بہ پنهنجو ڪردار خوب نڀايو. مرزا صاحب ٻارن لاءِ سترهن کن ڪتاب تحرير ڪيا تہ ان سان گڏوگڏ مختلف وقتن تي ٻارن لاءِ شعر بہ لکندو رهيو، جن جو موضوع اخلاقي ۽ اصلاحي رهيا آهن، هي شعرخاص طور تعليمي نصاب لاءِ لکيل معلوم ٿين ٿا پر تنهن هوندي بہ مختلف حوالن سان هي ٻال رچنائون پنهنجي مفهوم، مقصد ۽ معنيٰ ۾ اعليٰ آهن، ڇاڪاڻ تہ مرزا قليچ بيگ اهو پهريون سنڌي عالم آهي جنهن باقاعده هڪ رٿا تحت سنڌي نثر توڙي نظم لاءِ ڪم ڪيو تنهن ڪري سندس ڪم کي بنيادي حيثيت حاصل آهي.

مرزا قليچ بيگ جي ٻال ڪوتائن ۾ ٻار لاءِ هڪ پيغام سمايل آهي هن خاص طور تي ٻار کي ٻري ڪم کان بچڻ ۽ تعليم ڏانهن خاص توجهہ ڏيڻ جي ٻار ٻار تلقين ڪئي آهي ڇاڪاڻ تہ جنهن دور ۾ هي شعر لکيو ويو. ان وقت سنڌ اندر انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ جي شروعات ٿي چڪي هئي ۽ مرزا صاحب قوم جي مستقبل کي تعليم جي حاصلات لاءِ چئي رهيو هو، جو تعليم ئي اسان وٽ واحد ذريعو هو پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجن وسيلن کي ڌارين کان آزاد ڪرائي خود انهن جي مالڪي ڪرڻ جي. علم، استاد ۽ ڪتاب متعلق مرزا صاحب جي شعرن ۾ 'علم جي تعريف'، 'علم امير ٿو بنائي'، 'علم جي دولت'، 'ڪتاب جي اهميت'، 'استاد جا حق' شامل آهن، جن ۾ علم جي اهميت، ان جا فائدا بيان ڪيا ويا آهن. چئي ٿو: (2)

علم اهڙو آهي سچو جوهر،
جنهن کان ڪم قدر آهي لعل گوهر،
دولت علم جا اوداني آهي،
عزت ۽ قدر جي نشاني آهي،
علم هڪ چشمو آهي اسراري،
فيض جنهن مان سدا آهي جاري.
(علم جي تعريف، ص 31)

علم حڪمت جو جيڪو طالب آهي،
سو سين تي غالب آهي،
سون جان علم نت نئون چمڪي،
جيئن زياده گسي پراڻو ٿئي.
(علم جي دولت، ص 34)

چاڪؤن تہ ڪو ڪتاب، مزو ڏئي جو بي حساب،
بهتر هو سون کان بہ آهين، منهنجي منجهہ نظر.
(ڪتاب جي اهميت، ص 36)

آهي ماءُ پيءُ کان پوءِ ڇوڪرؤ!
سين کان وڏو حق استاد جو.
سڌاري ڪري دل اوهان جي درست،
ڪري ٿو اوهان کي هو چالاڪ چست.
(استاد جا حق، ص 37)

مرزا صاحب ٻار جي اخلاقي اصلاح بہ ڪئي آهي تہ ان سان گڏوگڏ ان کي همٿ ۽ حوصلو پڻ ڏياري ٿو تہ: اڳتي وڌ ۽ زندگي ۾ ڪو اعليٰ مقصد حاصل ڪر ۽ ان جي سچي واٽ تي خدا تي ڀروسو ڪر ۽ همٿ سان اڳتي وڌندو رهہ. (3)

ڏار همت ڪين ڪاءُ ٿاپو ادا،
واٽ تي اونداهہ جو مَر هوءِ ولولو،
هي ستارو ٿئي پلين جو رهنما،
رک خدا تي ڀروسو ڪر ڪم پلو.

اهڙي ريت مرزا قليچ ٻارن لاءِ جيڪا دعا لکي آهي سا خيال توڙي شعري نزاڪتن سبب خوبصورت آهي، جيڪا اڄ بہ ٻاراڻي نصاب ۾ شامل آهي ۽ ٻار ان دعا کي رواني سان پڙهي ياد ڪن ٿا، دراصل اها ئي خوبي ٻاراڻي ادب خاص طور شاعري لاءِ لازمي آهي. مرزا صاحب جن چون ٿا: 04

اسان کي تون سائين سدائين خدايا،
ڪرم سان اُپائين نپائين خدايا،
ڏسين ٿو پسين ٿو، تون هرجا اسان کي،
تون شل واٽ پنهنجي پسائين خدايا،
ڪريون تنهنجي در ٿا، هي عرض سائين،
ڪڪر شل ڪرم جو وسائين خدايا.

مرزا قليچ جي ٻان لاءِ شاعري مثنوي، غزل، نظم، ٽيهہ اکري جي گهاڙيتن ۾ شامل آهي. جڏهن تہ مضمون جي لحاظ کان مرزا صاحب حمد، نعت، مناجات ۽

اصلاحي ۽ ڄاڻ ڏيندڙ ٻاراڻو شعر چيو آهي. جيڪي ڇهن کان چوڏهن سالن ۾ ان ڪان ٻـ وڏن ٻارن لاءِ آهي. جنهن ڪي اسان ٻال ساهتيه ۾ ڪشور ساهتيه جو شعر چئي سگهون ٿا.

پيرو مل مهر چند آڏواڻي جو نالو هن وقت سنڌ ۽ هند ۾ نثر جي حوالي سان اهم آهي، سنڌ جي تاريخ، لطيفيات ۽ لغت جي حوالي سان سندس ڪم جو وڏو مان آهي پر سندس هڪ سڄاڻپ شاعري پڻ آهي. هن جي شاعري ٻارن لاءِ ٻـ آهي تہ ساڳي وقت وڏن لاءِ ٻـ هن شعر رچيا آهن. سندس شاعري ۾ تخلص 'غريب' هو. هن ٻارن لاءِ سُريلا ۽ مترنم شعر چيا آهن. جيڪي مڪمل هڪ هنڌ تہ ڪنا ناهن ٿيل پر ڪجهہ وقت اڳ تائين سندس اهڙو شعر ٻاراڻي نصاب جو حصو رهيو آهي. ڪاڪو پيرو مل بنيادي طور ٻارن لاءِ جيڪو شعر چيو اهو ان وقت جي نصابي ضرورتن پٽاندر هو پر منجهس تنهن هوندي ٻـ شاعراڻي خوبصورتي، رواني ۽ سلاست موجود آهي. هن جي اهڙن مشهور نظمن ۾ گيتن ۾ 'منهنجي امڙ'، 'وقت چئي آءُ بادشاهہ'، 'شهنشاهہ ۽ مسخرو'، 'فرمانبردار پٽ'، 'بلبل جو فرياد' خاص طور عام مقبول آهن، جن مان گهڻا سندس هڪ مجموعي 'نوبهار' ۾ شامل آهن، جن ۾ ڪاڪي پيرومل نہ رڳو ٻار جي سوچ سمجهہ مطابق ٻولي جو استعمال ڪري منجهس رس چس پريو آهي پر ان سان گڏ ٻار ڪي نصيحت آميز پيغام پڻ ڏنو آهي جنهن ڪي سمجهڻ ٻار لاءِ ڪنهن ٻـ ريت ڏکيو ناهي. پنهنجي مشهور نظم 'منهنجي امڙ' ۾ ماءَ جهڙي مقدس رشتي ۾ ان جي ٿڌي ڇانو جهڙي ممتا جو اظهار ڪمال خوبصورتي سان ڪري رهيو آهي: (5)

مونکي ڪنهن ٿي ڪير پياريو،
پيار منجهان ٿي گود ويهاريو،
خوش ٿي هر هر مون ڏي نهاريو،
منهنجي امڙ

ننڊ ڦٽي مون جڏهن ٿي پيئي،
ڪنهن ٿي سمهاريو لولي ڏئي،
ڇڏي نہ مون کي ڪيڏانهن ويئي،
منهنجي امڙ

پنڌ ڪندي جي ڏکو ڪاڏم،
ڪنهن ڪٽي ٿي ڇاتي لاتم،
پيار منجهان ٿي پاڪر پاتم،
منهنجي امڙ.

ان ممتا جي شفقت جو ڪو ٻـ پئمانو تہ ماپي نہ ٿو سگهجي. ڇاڪاڻ تہ دنيا جو

ڪو اهڙو پئمانو نہ جڙيو آهي جنهن سان ماءُ جي ممتا جو ڪاٿو لڳائي سگهجي! پر هڪ حساس دل رکندڙ ذميوار فرد جي حيثيت ۾ ڪاڪو پيرو مل ٻارن ۾ اهو احساس جاڳائي رهيو آهي تہ: 'اوهان تي فرض ٿئي ٿو تہ جوان ٿيڻ کان پوءِ ماءُ پيءُ جي خدمت ڪيو.' چئي ٿو: (6)

وڏي جــڏهـــن آئـــون وڏو ٿـــيـــنـــدس،
سُـــک سـويـــن آءُ تـــوکـــي ڏيـــنـــدس،
تـــوتـــي پـــنـــهـــنـــجـــو ســاهـــ چـــڏيـــنـــدس،
مـنـهـنـجـي امـڙ.

ساڳي طرح سندس شعر 'وقت چئي آءُ بادشاهہ' ۾ وقت جي اهميت ۽ حيثيت متعلق وقت جي زباني ئي ان جي ڪتا بيان ڪئي وئي آهي تہ وقت ڪهڙي ريت پکي جيان پڙڪو ڏئي اڏامندو وڃي ٿو. ڪالهہ جو ابهم ٻار نيٺ پوڙهيو / هيٺو ٿيو پوي ۽ سندس ٻاروتڻ جي معصوميت، جواني جي مستي جهڪي ٿيو پوي ڇاڪاڻ تہ وقت تيزي سان هلندو رهي ٿو. اهڙي طرح سندس نظم 'شهنشاهہ ۽ مسخرو' ۾ بہ هڪڙو پيغام سمايل آهي جيڪو ٻار جي ذهني نشونما ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.

هن دور جو مرزا قليچ بيگ ۽ ڪاڪي پيرو مل کان پوءِ ٻارن لاءِ خوبصورت شعر رچيندڙ ڪشنچند بيوس آهي. ائين تہ بيوس جديد سنڌي شاعري جي حوالي سان وڏ نالو آهي. هن جون ٻارن لاءِ لکيل ڪوتائون بہ سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ وڏو مان لهن ٿيون سندس ٻال گيتن ۾ جا خوبصورتي آهي اها اسان کي هن سڄي دور جي ٻين شاعرن وٽ نظر نہ ايندي، سندس اهڙن سپاويڪ شعرن لاءِ برک ڏاهي محترم تاج جويي جي هي راءِ اسان جي رهنمائي ڪري رهي آهي:

'...... هن جا (بيوس) 'موجي گيت' ۾ شايع ٿيل سمورا گيت ۽ نظم محسوس ٿئي ٿو تہ هن گهر ۾ يا گهٽين ۾ ٻارڙن سان ڊوڙون پائيندي ۽ رانديون رهندي لکيا آهن انهن ۾ ٻار کي ڪلائڻ، وندرائڻ ۽ خوش ڪرڻ جا سمورا جذبا ۽ ڀاءُ سمايل آهن' (7)

اها ڳالهہ بلڪل درست آهي تہ دادا بيوس جيڪي ٻال گيت رچيا آهن انهن ۾ جيڪو چس آهي ۽ انهن ۾ جيڪا جذبات نگاري، خيال جي اڏت، ٻولي جو استعمال آهي. ان ڏس ۾ محترم تاج جويي جي راءِ درست محسوس ٿئي ٿي. شعر ۾ رواني ئي موسيقيت پيدا ڪري ٿي ۽ اها رواني ۽ موسيقيت ڀرپور ادراڪ کان سواءِ حاصل نہ ٿي ٿئي خاص طور ٻال ڪوتا لکڻ وقت اهو ضروري ٿيو پوي تہ ڪوي کي ٻار جي سطح تائين اچڻو پوندو ۽ اهو ڪم گهڻو ڏکيو آهي ڇاڪاڻ تہ جيستائين ٻار جي ذهني صلاحيت، نفسيات، جذبات کان ٻال گيت لکندڙ چڱي طرح واقف نہ هوندو تہ ان صورت ۾ سندس ٻال ڪوتا ٻالڪ وٽ قبول نہ پوندي، اهڙي ريت سندس مقصد بہ اڌورو رهجي ويندو.

ڪشنچند بيوس جي ٻال گيتن جو مزاج اهڙو تہ دلڪش ۽ وڻندڙ آهي جو ٻار ان کي بي اختيار پسند ڪري ٿو، ياد ڪري ٿو ۽ جهونگاري ٿو. هت دادا بيوس جي ڪجهہ اهڙن مشهور شعرن جا نمونا پيش ڪجن ٿا: (8)

سڀ ڪن تنهنجي ساراهہ، قدرت وارا،
نرمل جوتي نور نظارا، قدرت وارا.
منڙا گهوڙا اوري آ،
خوب خوشي سان ڏاٽو کاءِ،
پنهنجي منهن تان لاهہ لغام،
تازو گاهہ هلي چر جام.
اچو تہ ننڍڙي ريل هلايون،
ڇهہ ڇهہ پيسا ٻہ ٻہ پايون.
ڳاڙهي جهنڊي ريل بهاري،
سائي جهنڊي جڏهن نهاري،
ڪُوڪ ڪندي تي چُتي لڳايون،
ڇهہ ڇهہ پيسا ٻہ ٻہ پايون.
چمڪ چمڪ تون چنڊ مشعال،
چوکي تنهنجي چنچل چال،
اڀ ۾ ايري نو لک تارو،
تون راجا ٻن آهہ انڌارو،
چمڪ چمڪ تون چنڊ مشعال.

دادا بيوس جا ٻيا بہ انيڪ گيت، نظم ٻارن لاءِ سپاويڪ آهن. 'موجي گيت' ۾ سندن رچنا 'سارنگ' ۾ برسات جي جيڪا تصوير پيش ٿيل آهي اها ايڏي تہ موهيندڙ آهي جو ٻالڪ تہ ڇا خود وڏو بہ ان خوبصورتي ۽ رواني ڏانهن ڌيان ڏئي ٿو. مينهن پوڻ سان فطرت جا حسين منظر جرڪڻ شروع ٿين ٿا. جيڪي موهيندڙ هوندا آهن، اهڙن فطري حُسن جي عڪس کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ ۽ وري خاص طور ٻارن لاءِ سپاويڪ انداز ۾ بيان ڪرڻ جو ڪمال بيوس کي ئي حاصل آهي. چئي ٿو: (9)

ڪنوڻ اچي تي ناچ نچي تي،
ڏوم ڏام سان موج مچي تي،
پنڙي پنڙي بوند وسي تي،
دل کي راحت خوب رسي تي،
منڙي منڙي هير گهلي تي،
دل جي مکڙي خوب کلي تي.

ساڳي وقت ’واري جو گهر‘، ’بدڪون ۽ ڪتو‘، ’پينگه‘، ’ڪاغذ جي ٻيڙي‘، ’ڦوڪڻو‘ ۽ ٻيا ڪيترائي گيت، نظم، مثنويون وغيره اهڙو ئي سياءُ رکندڙ آهن. منجهس اهائي نزاڪت ۽ دلڪشي موجود آهي.

ڪشنچند بيوس جون ٻال رچنائون حقيقت ۾ ٻارن جي سياءُ، سوچ، جذبات ۽ خيالن جي مدنظر رکي لکيل آهن اُهي ايتريون تہ خوبصورت آهن جو ڪيترو ئي عرصو گذري وڃڻ بعد بہ اُهي اڄ بہ ٻار ڪي پسند آهن، ڇاڪاڻ تہ منجهس هڪ تہ خيال جي اڻت اهڙي آهي جو اهو خيال هر ٻار پاڻ لاءِ محسوس ڪري ٿو ۽ ٻيو تہ ان شعر ۾ ٻولي جي عام فهمي ۽ رواني ايتري آهي جو ٻار ان کي بنا جهجهڪ پڙهي ٿو ۽ اها خصوصيت ’دادا بيوس‘ جي شعر کي اڄ بہ زندهہ رکيو ويٺي آهي.

جمع خان ’غريب‘ بہ هن دور ۾ ٻارن لاءِ رچنائون رچيون آهن، اهڙي رچنائن جو مجموعو ’گل نوبهار‘ جي نالي سان 1935ع ۾ شايع ٿيل ملي ٿي. هن جي شعر ۾ سائنسي ايجادن بابت پڻ گفتگو ٿيل آهي، جيڪا ان دور ۾ هن کان اڳ مرزا قليچ بيگ ٻارن لاءِ لکيل پنهنجي نثري ڪتابن: ديو راڪاس، پوريل اکيون- پٽيل اکيون، پائي وائي- پائي وزو ۾ تہ ڪئي آهي پر شاعري ۾ اهو موضوع اسان کي جمع خان ’غريب‘ وٽ ئي ملي ٿو، جنهن سان ٻار جي ذهني صلاحيت کي وڌائيندي کيس سائنس بابت پڻ سولي ۽ سادي زبان ۾ آگاهہ ڪيو ويو آهي. يقنن جنهن دور ۾ ’جمع خان غريب‘، ’دماغ جو ايجادون‘ نظم لکيو ان وقت يقينن اهو نظم نت نرالو هو ۽ اسان ڏسون ٿا تہ ان دور ۾ اهو شعور اسان جي شاعرن ۾ موجود هو تہ نئين نسل کي سائنس جي ايجادن بابت سمجهاڻي ڏجي. پنهنجي دور جو اهو نت نرالو نظم سڄو هت نقل ڪجي ٿو: (10)

هلائين ڪُلون ٻاڦ جي زور سان،
سي ڪم ڪن وڏا زور ۽ شور سان،
هلن هيج مان آگ گاڏيون جهاز،
رهڻ جا ٿيا تن ۾ بندوبست ساز،
گهڻو زور بجلي جو بالا ٿيو،
هنر هر ڪنهن ۾ سو اعليٰ ٿيو،
عجب گئس اڳرن مان بنجي پيو،
سڄو ملڪ ان سان بہ روشن ٿيو،
هوائي جهاز جو پرواز ٿيو،
عجب اپ ۾ تن جو ڇا آواز ٿيو،
مٿان ملڪ جي حڪم تن جو هلي،
مٿان جنگ جو پي ٿا ڪم ڪن ٻَلي،

دمــــاغ آهـــــ آنـــــدو وڏو انـــــقـــــلاب،
ڏســو ســر جــا ســودا ســنــدو آب و تــاب،
ڪــيــو مــخــتــصــر تــر مــون آهــي بــيــان،
نــمــونــو خــرارن جــي مُــٺ مــان عــيــان،
’غــريــبــا‘ اگــر ســر نـــ مــوجــود هــو،
تــ عــالــم ســمــورو ئــي بــس ســود هــو.

’غريب‘ جي ٻاراڻن ٻولن ۾ رس چس، رواني ۽ ٻولي جي سادو اظهار موجود آهي. تنهن ڪري ’غريب‘ جا شعر بہ ٻارن ۾ خاصا مقبول آهن.

ٻارن لاءِ شاعري جي حوالي سان هن دور ۾ اسان کي هڪ ٻئي شاعر محمد صديق ’مسافر‘ جو نالو بہ ملي ٿو. هن جي سڃاڻپ شاعر سان گڏوگڏ هڪ بهتر نثر نويس طور بہ آهي، سندس گهڻو شعر وڏن لاءِ چيل ملي ٿو تہ ان سان گڏ هن ٻارن لاءِ بہ شعر رچيو آهي تہ ٻئي پاسي ڪشنچند بيوس ۽ مرزا اسد بيگ سان گڏجي مختلف وقتن تي ٻارن لاءِ نصاب خاطر مختلف شاعرن جي شاعري ترتيب پڻ ڏني؛ جنهن سان اسان کي هن شاعر وٽ ٻاراڻي ادب جي اهميت جو اندازو ٿئي ٿو.

’مسافر‘ جي ٻارن لاءِ شاعري مختلف وقتن تي شايع ٿيندي رهي جيڪا ڪجهہ سال اڳ ’اسيمبلي جو راڳ‘ جي نالي سان ترتيب هيٺ آئي آهي، جنهن ۾ سندس ٻارن لاءِ چويهہ کن نظم ۽ مثنويون شامل آهن. جيڪي پڻ گهڻي ڀاڱي نصاب خاطر لکيا ويا آهن، جن ۾ ٻولي جي عام فهم استعمال، رواني سميت منجهس ٻار جي لاءِ پيغام پڻ سمايل آهي، جهڙي طرح ’سائين جي ساراهہ‘ ۾ ٻار کي خدا تعاليٰ کي دل جي حضور سان ياد ڪرڻ جو بنهہ سادو ۽ انتهائي خوبصورت ڏس ڏئي رهيو آهي. (11)

ڏٺــي جــا اســيــن گــيــت ڳــايــون ســدا،
اڳــيــان تــنــهــن جــي ســر پــڻ نــمــايــون ســدا،
اپــايــو جــنـــهـــن آهـــ ســارو جــهــان،
ڪــيــو آهـــ پـــيـــدا زمـــيـــن آســـمـــان،
وڏائـــي ســـنـــدس جـــا وڏا تـــيـــا بـــيـــان،
نـــ طـــاقـــت رکـــي ٿـــي اســـان جـــي زبـــان.

سندس رنگن بابت شعر پڻ خوبصورت آهي جنهن ۾ ٻار کي رنگن جي سڃاڻپ ڪرائڻ لاءِ چَٽُون جي چهنب، نيري آسمان ۽ هيڊ جهڙيون تشبيهون ڪتب آڻي ٿو، ساڳي وقت رنگن جي تڪرار کي پڻ بيان ڪري منجهاس ٺهندڙ ٻين رنگن بابت ٻارن کي خوب ٻڌايو اٿس، ائين بہ مختلف رنگ پاڻ گڏجي سونهن پيدا ڪندا آهن؛ جيڪا سونهن هر عمر جي حصي ۾ انسان کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي آهي. ٻالڪ اوسٿا ۾ تہ جدا جدا رنگ جڏهن هڪ جهڳٽي ۾ گڏبا آهن تہ اُهي وڏيڪ ڪشش پيدا

ڪندا آهن ان صورت ۾ ٻار جو رنگن ڏانهن مائل ٿيڻ بہ فطري آهي. صديق ’مسافر‘ ان ئي نفسياتي لاڙي کي سمجهندي ٻارن کي رنگن جي اصليت ٻڌائي آهي.

اهڙي ريت ’مسافر‘ جي چٽئن مندن بابت مثنوي جي گهاڙيٽي وارو شعر بہ سهڻو آهي ڇاڪاڻ جو ان سان ٻار کي چٽئن مندن ۾ ان خاصيتن بابت بنيادي ڄاڻ ملي ٿي. (12)

ٻارو اچي مڙو هڪ ماڳ،
ڳايون چئن مندن جو راڳ،
هڪڙي تن مان آهہ بهار،
هي مند آهي واهہ جي ٻار،
وڻ ٽڻ ڏسجن تا سڀ سهڻا
باغ لڳن تا من کي مهڻا،
وچي بهار تہ اچي اونهارو،
ڏول انهيءَ جو آهہ نيارو،
پوءِ سرءُ ٿي اچي وري،
هوا لڳي ٿي گهم ڀري
ٿيو سرءُ جو پورو وارو،
آيو تنهن تان وري سيارو،
هوا اتر جي ڪري سوساٽ،
سيءُ ۾ پون نريو گهر گهاٽ،
چئن مندن ۾ پورو سال،
وري ٿئي ٿو ساڳيو حال.

صديق ’مسافر‘ جو ٻارن لاءِ چيل شعر بہ معنيٰ، مفهوم ۽ مقصد ۾ اعليٰ هجڻ سان گڏوگڏ عام فهم، سادو ۽ پُر تاثير پڻ آهي جيڪو ٻار جي ذهني صلاحيت آڏار رچيل نظر اچي ٿو.

مولانا حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جو نالو ائين تہ سنڌ ۾ مذهبي ادب، تاريخ سان گڏوگڏ صحافت ۽ سياست ۽ درس تدريس جي حوالي سان ماناٽتو آهي پر هن دور رس نگاهہ رکندڙ اديب ٻارن لاءِ شعر پڻ لکيو آهي ڇاڪاڻ تہ هڪ استاد جي حيثيت ۾ هن پنهنجي فرضن کي سمجهندي ٻارن جي نصابي ضرورتن ۽ ان کان اڳتي انهن جي ذهني صلاحيت ۾ اضافي خاطر جيڪو ڪجهہ لکيو، اهو اهميت وارو آهي. سندن ’واپار ڪريو‘ ۽ ’سونهاري سنڌ‘ نظم ٻولي ۽ خيال جي حوالي سان ٻنهہ وٽندڙ آهن. ’واپار ڪريو‘ ۾ جيڪو پيغام سمايل آهي ان کي سمجهڻ ۽ ان کي اختيار ڪرڻ جي اڄ بہ اسان کي ضرورت آهي. حڪيم صاحب چئي ٿو: (13)

تــا جــيــڪــر خــوش گــذارڻ گــهــرو،
جـــي دنـــيـــا ۾ تـــا شـــان گـــهـــرو،
جـــي مـــانـــي ســـان گــڏ مـــان گـــهـــرو،
جـــي خـــاص تـــيـــڻ انســـان گـــهـــرو،
اج پـــاڻ کـــي پـــٽ هـــوشـــيـــار ڪـــريـــو،
واپـــار ڪـــريـــو، واپـــار ڪـــريـــو.

ساڳي وقت 'سونهاري سنڌ' نظم ۾ سرسبز سنڌ جي اکيون ٺارينڌڙ تصوير چٽيل آهي، جيڪا يقينن ٻار لاءِ ڄاڻ ڀري به آهي ته منجهس پنهنجي ڌرتي سنڌ سان محبت ڪرڻ جو احساس به جاڳائي ٿي: (14)

ســـنـــڌ اســـان جـــي ســـاوڪ واري،
جـــنـــهـــن ۾ آهـــي دريـــا جـــاري،
مـــيـــوا گـــل ڦـــل ڀـــاڄـــيـــون ٻـــوٽـــيـــون،
پـــوکـــن تـــن کـــي هـــاري نـــاري،
جـــنـــسون جـــام ۾ طـــرحـــيـــن طـــرحـــيـــن،
ڪـــڻـــڪ ۽ ٻـــاجـــهـــر، جَـــو جـــو جـــواري،
بـــاغـــن ۾ مـــيـــوات عـــجـــب،
ســـونـــهـــن جـــن جـــي تـــاري تـــاري،
لـــيـــمـــان، ڏاڙهـــون، صـــوف، ســـنـــگـــتـــرا،
ڊاک، کـــجـــور، مـــٽـــي مـــوچـــاري،
تـــازا صـــوف ۽ انـــب، انـــجـــيـــر،
جـــن جـــي بـــاغـــن ۾ جـــنـــســـاري،
ســـرهـــا گـــل ڦـــل ســـهـــڻـــا گـــل ڦـــل،
جـــن جـــي هـــوا بـــه خـــوشـــبـــو واري،
واهـــه ســـوادي ڀـــاڄـــي هـــر هـــڪ،
کـــائـــڻ جـــن جـــو مـــزيـــداري،
گـــجـــرون، مـــوريـــون، گـــوبـــي، هُـــربـــو،
واڱـــڻ، لـــوڙـــڪ، پـــالـــڪ پـــيـــاري،
هـــي ســـڀ ٿـــئـــي ٿـــي ســـنـــڌ ۾ ســـاوڪ،
واهـــه اســـان جـــي ســـنـــڌ ســـونـــهـــاري.

هوندراج 'دکايل' ٻاراڻي شاعري جي حوالي سان اهم نالو آهي، هن صاحب وڏن لاءِ به شعر چيو ۽ خود ڳائيندو به هو. سنه 1946ع ۾ 'سنگيت ڦول' نالي سان سندس شاعري جو مجموعو شايع ٿيو جنهن ۾ پڻ ٻارن لاءِ ڪيترائي شعر شامل هئا.

سنگيت سان گهري لاڳاپي سبب دادا دکايل جي ٻال ڪوتائن ۾ ردم، لئه، ترنم ۽ رواني موجود آهي. ’ڪبوتر‘ متعلق پنهنجي نظم ۾ ان جي خاصيتن ۽ انداز کي خوب بيان ٿو ڪري ۽ ڪبوتر پنهنجي اڏجائي سبب ئي ڄار ۾ ڦاسي ٿو پوي، ان منظر کي دادا هوندراج هن طرح ٿو بيان ڪري: (15)

سفر فلڪ جا خوب ڪرين ٿو،
ڌرتي تي پڻ ڏيان ڌرين ٿو،
ڪيترن ۾ انبار تڪين ٿو،
اڙجي لالچ منجهه لهين ٿو.

تو ٿي پانيو جنهن کي چوڳو، نڪتو آخر ۾ سو دوکو

دور ڪان پَرَ کي ايندو ماري،
کسڪڻ جي ڪري ٿهه پهه تياري،
مگر وچايل چوڌر چاري،
آڻي ڦاسائي چوڌاري،

تو ٿي عيش اڏائڻ چاهيو، ليڪن قسمت قيد ڪرايو.

هري دلگير جديد سنڌي شاعري جي حوالي سان هڪ اهم نالو آهي، ته ان سان گڏ هن جو ٻارن لاءِ رچيل شعر به گهڻي اهميت لهڻي، ڇاڪاڻ ته ٻي انداز رواني، شعر ۾ سُرلتا پئدا ڪندو آهي ۽ پوءِ اهو شعر پڙهندي يا جهونگاريندي لفظن جي ڪا به رنڊڪ نه ٿيندي آهي ۽ اهو ئي شعر وڌيڪ اثر انداز هوندو آهي. دادا هري جي ٻارن لاءِ شايع ٿيل شعري مجموعن ۾ ’موجي گيت‘ (ڪوتا ۾) ۽ ٻيا شامل آهن. سندس گيتن ۾ خيال جي ترتيب، عام فهم ٻولي جو استعمال ۽ رواني ايتري ته موجود آهي جو نه رڳو ٻار پر وڏڙا به ان کي دلچسپي سان پڙهن ٿا. ٻار کي جيڪڏهن شعر ان جي ذهني عمر موجب اهڙو ڏنو وڃي جو هو ٻا آساني سمجهي سگهي ته ٻار يقينن ان شعر کي نه رڳو پسند ڪندو پر ياد به ڪندو. دادا هري جا شعر ’ڪاٺ جو گهوڙو‘، ’پينگهه ته منهنجي مزيدار‘، ’ٻه پائر‘، يا ’آسمان‘، ’هفتي‘، ’لغڙ‘، ’ٻال‘ بابت گيت، بيت يا چؤسٽا يا سندس ٻال ڪوتا ۾ پروليون ۽ ٻيا ڪيترائي شعر ٻارن ۾ خاصا مقبول رهيا آهن. ’ڪاٺ جو گهوڙ‘ ۾ ٻار جي نفسيات موجب اصل گهوڙي جهڙي هوبهو تصوير پيش ڪئي اٿس. چئي ٿو: (16)

لڪڻ ڪڻ پراڻو، مُنئي کان پڪڙ تون
سڳو ڪڻ ڪو ڪچڙو، انهي کي جڪڙ تون،
هلڻ واسطي تڏهين تيو تيار گهوڙو،
عجب منهنجو گهوڙو، مزيدار گهوڙو.

وري ٻار جي معصوميت جو اظهار به ڪيڏو سهڻو ڪري ٿو ته ڪاٺ جو گهوڙو

هلي نہ ٿو سگهي پر معصوم ٻار ان بابت ڇا سوچي ٿو ان جو اظهار دادا هري سپاويڪ ڪيو آهي: (17)

ڏڪڻ ۾ نہ ٽڪجي، نہ ساهي پٽي ٿو،
ائين عام گهوڙن کان شرطون کٽي ٿو،
هلڻ ۾ سدا آهہ هوشيار گهوڙو،
عجب منهنجو گهوڙو، مزيدار گهوڙو.

ساڳي وقت دادا هري جي ٻين بہ ٻال ڪوتائن ۾ ساڳيو رس ۽ سپاويڪ انداز موجود آهي.

**نتيجو:**

مرزا قليچ بيگ ۽ سندس دور جي هن اهم ٻال گيت لکندڙ شاعرن بابت هت جيڪو گڏيل مطالعو ڪيو آهي ان جو مقصد اهو هو تہ انگريز دور ۾ سنڌي ۾ ٻاراڻي شاعري کي مطالعي هيٺ آڻيون ۽ پڻ اهو ڏسون تہ ان دور جي شاعرن ٻاراڻي ادب لاءِ ڪهڙي ريت خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ انهن جي شعر جي هن دور ۾ ڪهڙي حيثيت آهي. هن اڀياس ۾ هيٺيون ڪجھ ڳالهيون چٽيون ٿين ٿيون.

1. هن دور جي نالي وارن شاعرن ٻاراڻي ادب جي اهميت کي تسليم ڪندي ٻارن لاءِ شعر لکيو، جيڪو ٻارن جي ذهني اوسر ۾ فائديمند ثابت ٿيندو.
2. هن دور جي شاعرن مختلف گهاڙيٽا ٻاراڻي شاعري لاءِ استعمال ڪيا، جن ۾ گيت، غزل، نظم، مثنوي، ٽيهہ اکري ۽ چؤسٽو وغيره شامل آهن.
3. خيال جي حوالي سان هنن اصلاحي، مذهبي، اخلاقي شعر تہ چيو پر سائنس جي ايجادن (جيڪي ان دور ۾ نت نراليون هيون) طرف پڻ ٻارن جو ڌيان ڇڪايو اهڙو شعر چونڊ ۾ ڪشنچند بيوس ۽ جمع خان 'غريب' شامل هئا. هن مطالعي ۾ انهن جا اهڙا شعر مطالعي هيٺ آندا ويا آهن جن ۾ ريل گاڏي، جهاز وغيره جو ذڪر موجود آهي.
4. هن دور جي شاعري کي اسان ٻاراڻي ادب جي درجا بندي مطابق ورهائي سگهون ٿا اڪثر شعر ٻال ساهتيہ (ڇهن کان تيرهن سالن تائين) ۽ ڪشور ساهتيہ (چوڏهن سالن کان وڏيڪ ٻار) جي درجي ۾ اچن ٿا.
5. هن دور جي شاعري گهڻي ڀڃي نصابي ضرورتن پٽاندڙ لکي وئي آهي، ڇاڪاڻ تہ هن ئي دور ۾ سنڌ ۾ باقائده تعليمي نظام رائج ٿيو، جنهن تحت مرزا قليچ بيگ، پيرو مل مهر چند آڏواڻي ۽ ٻين ٻارن لاءِ شعر چيو، جنهن سان سنڌي زبان ۾ ٻاراڻي شاعري جي شروعات ٿي ۽ ترقي ماڻيائين.
6. هن دور جي شاعرن ٻارن لاءِ شعر لکندي انهن جي عمر، ذهني صلاحيت،

جذبات ۽ محسوسات کي سامهون رکيو ۽ انهن ۾ ٻار لاءِ پيغام بہ سمايو تہ شعر کي شعري خوبصورتي بخشندي رواني، ترنم، ردم، لئہ جو بہ خيال رکيو تنهن ڪري ڏسجي ٿو تہ ان دور جا ڪيترائي نظم / گيت وغيره اڄ بہ ٻارن ۾ عام مقبول آهن توڙي جو اُنهن کي اُنهن جي لکندڙن بابت ڪا بہ خبر ناهي.

7. تذڪري هيٺ دور جي شاعري نہ فقط پنهنجي دور ۾ خاصي عام رهي پر اڄ بہ انهن مان ڪيترن شعرن کي پڙهيو وڃي ٿو.
8. مذڪوره دور جي شاعرن ٻارن لاءِ لکيل شعر جي اهميت کي محسوس ڪندي ان کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرائي ايندڙ دور ۾ ٻاراڻي ادب جي اهميت کي بہ ڀرپور نموني سان اجاگر ڪيو.

انگريزن جي دور ۾ سنڌ ۾ ٻاراڻي شاعري بابت هي مختصر مطالعو آهي، جنهن مان اسان کي جيڪي مکيہ نتيجا حاصل ٿيا آهن اهي مٿي بيان ڪيا ويا آهن، هن آڌار تي اسان کي موجوده دور ۾ سنڌي ٻاراڻي ادب جي اهميت، مقدار ۽ معيار بابت سوچڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ افسوس جهڙي ڳالهہ آهي تہ هن وقت سنڌ ۾ ٻاراڻو ادب بنهہ گهٽ لکيو ۽ ڇپيو وڃي ٿو. اسان سڀ ٻولي ۽ ادب جا گهڻگهرا جيڪڏهن اهو چاهيون ٿا تہ اسان جو ايندڙ نسل سنڌي علم ادب جي شاندار ماضي کان واقف هجي ۽ هو ماضي جي بهتر روايتن ۽ رسمن جو امين ٿئي، هو پنهنجي ٻولي ڳالهائي سگهي، لکي پڙهي سگهي، هو سراپا سنڌيت بڻجي تہ پوءِ پاڻ سمورن کي سنجيدگي ۽ منظم نموني سان سنڌي ۾ ٻاراڻي ادب کي هڪ دفعو ٻيهر اجاگر ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺڻيون پونديون.

## حوالا


1. الانا غلام علي ڊاڪٽر، ڇپيل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي، مختلف صفحا، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، 1976ع- ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، سنڌي ٻاراڻو ادب (مقالو) ماهوار پيغام مارچ 1979ع.
2. بيگ قليچ مرزا، علم جي دولت، مرتب: ڊاڪٽر مخمور بخاري، سنڌي ٻولي جو با اختيار ادارو، 2012ع.
3. علم جي دولت، ص 28.
4. علم جي دولت، ص 18.
5. هڪڙو انورفگار ڊاڪٽر، غريب جي سخنوري، (مقالو)، ص 163، ٽماهي مهراڻ 3 - 4 / 2001ع.
6. غريب جي سخنوري، (مقالو)، ص 163.
7. جويو تاج، تلسين جي سرهاڻ، ص 20، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد 1996ع.
8. بيوس ڪشنچند ۽ دلگير هري، موجي گيت، مختلف صفحا- گل ڦل آفيس ڪراچي 1945ع. ڪليات بيوس، مرتب، ڊاڪٽر محمود شاهہ بخاري، ص 109، ڇپائيندڙ: ڊاڪٽر محمود شاهہ

بخاري، 1991ع.

9. موجي گيت، ص 31.

10. سولنگي غلام مصطفيٰ، (مرتب)، سنڌي ۾ ٻاراڻي شاعري جي اينٿالاجي، ص 63، سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو 2007ع.

11. مسافر محمد صديق، اسيمبلي جو راڳ، ترتيب: غلام مصطفيٰ سولنگي، ص 32، سنڌي ٻولي جو با اختيار ادارو 2010ع.

12. اسيمبلي جو راڳ، ص 36-37.

13. سنڌي ۾ ٻاراڻي شاعر جي اينٿالاجي، ص 37.

14. سنڌي ۾ ٻاراڻي شاعري جي اينٿالاجي، ص 38.

15. عباسي تنوير ڊاڪٽر، (مرتب)، ٻاراڻا ٻول، ص 31، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو 1973ع،

16. موجي گيت، ص 15.

17. موجي گيت، ص 15.